# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2011
# SINDH ACT NO.II OF 2011
# سرڪاري زمينن جي نئين آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (AMENDMENT) ACT, 2010
# (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1912 جي ايڪٽ V جي دفعه 10 ۾ ترميم

Amendment of Section 10 of Act V of 1912


.

# SINDH ACT NO.II OF 2011

# سرڪاري زمينن جي نئين آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2010

# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (AMENDMENT) ACT, 2010

[22 فيبروري، 2011 ]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي لاءِ سرڪاري زمينن جي نئين آبادڪاري ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي لاءِ سرڪاري زمينن جي نئين آبادڪاري ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جيڪا هن طرح هوندي؛

ان ڪري هن طرح عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سرڪاري زمينن جي نئين آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو

(2) هيءُ في الفور لاڳو ٿيندو ۽ 10 آڪٽوبر 2010 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1912 جي ايڪٽ V جي دفعه 10 ۾ ترميم
Amendment of Section 10 of Act V of 1912

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي لاءِ سرڪاري زمينن جي نئين آبادڪاري ايڪٽ، 1912 جي دفعه 10 جي ذيلي دفعه (5) ۾ شرطيه بيان کي فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو، ان کانپوءِ ڇاڙايل شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:-

"وڌيڪ هيءُ ته وڏو وزير ان معاملي ۾ تعليم ۽ صحت جي مقصدن جي لاءِ فراهم ڪيل زمين جي سلسلي ۾ منصوبن مڪمل ڪرڻ جو عرصو وڌائي سگهي ٿو جتي منصوبي جي پڄاڻي ۾ دير گرانٽي جي

ڪنهن غفلت جو سبب نه بڻجندي.”

**نوٽ:** ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.